# سنڌ ايڪٽ نمبر LVIII مجريہ 2013
# SINDHACT NO.LVIII OF 2013
# سيوهڻ ڊولپمينٽ اٿارٽي (بحالي ۽ ترميم) ايڪٽ، 2013
# THE SEHWAN DEVELOPMENT AUTHORITY (REVIVAL AND AMENDING) ACT, 2013

## فهرست(CONTENTS)


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1.مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2.1994 جي سنڌ ايڪٽ نمبر V جي بحالي

Revival of Sindh Act No.V of 1994

3.1994 جي سنڌ ايڪٽ نمبر V جي ترميم

Amendment of Sindh Act No.V of 1994

4.1994 جي سنڌ ايڪٽ نمبر V جي دفعہ 2 جي ترميم

Amendment of section 2 of Sindh Act No.V of 1994

5.1994 جي سنڌ ايڪٽ نمبر V جي دفعہ 4 جي ترميم

Amendment of section 4 of Sindh Act No.V of 1994

6.1994 جي سنڌ ايڪٽ نمبر V جي دفعہ 7 جي ترميم

Amendment of section 7 of Sindh Act No.V of 1994

7.محفوظ

Saving

# سنڌ ايڪٽ نمبر LVIII مجريه 2013
# SINDHACT NO.LVIII OF 2013
# سيوهڻ ڊولپمينٽ اٿارٽي (بحالي ۽ ترميم) ايڪٽ، 2013
# THE SEHWAN DEVELOPMENT AUTHORITY (REVIVAL AND AMENDING) ACT, 2013

[19 ڊسمبر 2013]

ايڪٽ جنهن ذريعي سيوهڻ ڊولپمينٽ اٿارٽي سان لاڳاپيل قانون بحال ڪيو ۽ ان ۾ ترميم ڪئي ويندي؛

تمهيد (Preamble)

جيئن ته هائوسنگ انڊسٽري جي حوصلا افزائي ۽ همت افزائي ڪرڻ ۽ صوبي جي ماڻهن کي اجهو فراهم ڪرڻ لاءِ سيوهڻ ڊولپمينٽ اٿارٽي ايڪٽ، 1993 کي بحال ڪرڻ ۽ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پيو آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

ان کي هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1.(1) هن ايڪٽ کي سيوهڻ ڊولپمينٽ اٿارٽي (بحالي ۽ ترميم) ايڪٽ، 2013 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

| | |
|---|---|
| 1994 جي سنڌ ايڪٽ نمبر V جي بحالي<br>Revival of Sindh Act No.V of 1994 | 2.سيوهڻ ڊولپمينٽ اٿارٽي ايڪٽ، 1993 پهرين جولاءِ 2002 تي ۽ ان کانپوءِ بحال ٿي ويندو، ايئن جيئن اهو ڪڏهن منسوخ ٿيو ئي نه هجي ۽ هن کانپوءِ بحاليءَ تي اهڙيءَ ريت ڄاڻايل ايڪٽ طور حوالو ڏنو ويندو. |
| 1994 جي سنڌ ايڪٽ نمبر V جي ترميم<br>Amendment of Sindh Act No.V of 1994 | 3. ڄاڻايل سڄي ايڪٽ ۾ لفظن "ضلعو دادو" لاءِ لفظ "ضلعو ڄامشورو" متبادل هوندا. |
| 1994 جي سنڌ ايڪٽ نمبر V جي دفعه 2 جي ترميم<br>Amendment of section 2 of Sindh Act No.V of 1994 | 4.ڄاڻايل ايڪٽ جي دفعه 2 ۾ شق (b) کانپوءِ هيٺين نئين شق شامل ڪئي ويندي:<br>"(bb) "زمين جو استحڪام" مطلب اسڪيم ۾ پلاٽن جي ايڊجسٽمينٽ اسڪيم جي مقصد لاءِ مٽا سٽا يا ٻي صورت ۾." |
| 1994 جي سنڌ ايڪٽ نمبر V جي | 5.دفعه 4 ۾ ذيلي دفعه (1) لاءِ هيٺين تبديلي ڪئي ويندي: |

دفعہ 4 جي ترميم

Amendment of section 4 of Sindh Act No.V of 1994

"(1) اٿارٽي جي جوڙجڪ: اٿارٽي مشتمل هوندي:

| | |
|---|---|
| (a)مڪاني حڪومت، پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ، رورل ڊولپمينٽ ۽ هائوسنگ ٽائون پلاننگ، سنڌ جو وزير | چيئرمين |
| (b) صوبائي اسيمبلي جو هڪ مقامي ميمبر حڪومت طرفان نامزد ڪيو ويندو | ميمبر |
| (c) سيڪريٽري مڪاني حڪومت، پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ، رورل ڊولپمينٽ ۽ هائوسنگ ٽائون پلاننگ ڊپارٽمينٽ | ميمبر |
| (d) ڪمشنر حيدرآباد | ميمبر |
| (e) چيف انجنيئر پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ حيدرآباد | ميمبر |
| (f) ڊائريڪٽر جنرل سيوهڻ ڊولپمينٽ اٿارٽي | ميمبر / سيڪريٽري |
| (g) ٻہ ماڻهو حڪومت طرفان نامزد ڪيا ويندا (هڪ ٽيڪنوڪريٽ ۽ هڪ سول سوسائٽي منجهان) | ميمبرز |

1994 جي سنڌ ايڪٽ نمبر V جي

6.دفعہ 7 ۾ شق (iii) ڪانپوءِ هيٺين نئين شق شامل ڪئي

**دفعہ 7 جي ترميم**

Amendment of section 7 of Sindh Act No.V of 1994

ويندي:

“(iii_a) ڪنهن زمين کي اهڙيءَ ريت مضبوط ڪرڻ جيئن قاعدن موجب بيان ڪيو ويو هجي؛”.

**محفوظ**

Saving

7.سمورا ڪيل حڪم، ڪيل ڪارروايون، ڪيل مقرريون، ڪنهن بہ اٿارٽي طرفان يا ڪنهن شخص طرفان کنيل قدم، جيڪي کنيا ويا هيا يا ڪيا ويا هيا، يا ارادو ڪيو ويو هيو، پهريون جولاءِ ٻہ هزار ٻہ ۾ تاريخ جنهن تي هي ايڪٽ لاڳو ٿئي، انهن جي وچ ۾ (ٻنهي ڏينهن سميت)، جيستائين ڪجهہ ڪنهن عدالت جي فيصلي جي متضاد نہ هجي، هميشہ ڪارگر طور ڪيل، کنيل يا سيوهڻ ڊولپمينٽ اٿارٽي ايڪٽ، 1993 تحت ڪيل سمجهيا ويندا ۽ ڪنهن بہ عدالت ۾ يا ڪنهن بہ فورم تي جيڪو بہ هجي، سوال نہ اٿاريو ويندو.

**نوٽ:ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**